# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXVI OF 1984

# پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE POLICE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1861 جي ايڪٽ V جي دفعه 15_A جي ترميم

Amendment of section 15_A of Act of 1861

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XXVI OF 1984

# پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE POLICE (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووينزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي پوليس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1861 جي ايڪٽ V جي دفعه 15_A

2. پوليس ايڪٽ، 1961 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي دفعه 15_A ۾، ذيلي دفعه (2) ۾، شق (b) لاءِ،

| جي ترميم<br>Amendment of section 15_A of Act of 1861 | هينئين ريت تبديلي ڪئي ويندي:<br>"(b) معاوضي جي رقم مقرر ڪرڻ جيڪا دئيت، ارش يا دمن جي برابر هوندي، يا جيئن بہ معاملو هجي، جيڪا شريعت مطابق ڏيڻي هوندي ۽ اهي ماڻهو متعين ڪرڻ جن کي ۽ جهڙي ريت اها رقم ڏني ويندي ۽".<br><br>**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |
|---|---|